# تقريري مقابلو (عنوان: انتظارِ فَرَج (٤))

امامِ زمانہ عج جا منتظر ساٿيو محترم استاد صاحبان  اسلام عليڪم و ياعلي مدد

منهنجو نالو ________________ آهي ۽ آئون توهان جي سامهون پنهنجي قليل علم مان انتظارِ فرج ۽ انتظار ڪرڻ وارن جي ذميداري ڪي بيان ڪندس

جنابِ صدر! اسان امام هادي عليہ السلام جا منتظر آهيون البتہ اسان جو انتظار غافلن وارو انتظار نہ آهي بلڪہ اسان جو انتظار ذميدار ۽ فرض شناس ماڻهن وارو انتظار آهي، اسان سڀ امام جي ظهور جي باري ۾ گفتگو ڪندا آهيون ۽ سندن ديدار جي شوق ۾ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندا آهيون پر سڀ ڳالهيون اسان جو انقلابي ڪردار نہ آهي

جنابِ اعلیٰ انتظار ڪنهن شيءِ جي آس رکڻ ۽ راهہ تڪڻ کي چئبو آهي، انتظار جي معنیٰ بيان ڪرڻ کان پوءِ هاڻي ڪنهن کي بہ ان ڳالهہ ۾ شڪ نہ هئڻ گهرجي تہ انتظار لاءِ غيبت واري زماني ۾ پنهنجي ذميدارين کان واقفيت ۽ انهن تي ڪرڻ خاطر هڪ زبردست رٿابندي ضروري آهي.

مانوارا سائين! عالم رباني زاهد صمداني مرحوم سيد ابوالقاسم راويتن ۽ حديثن جي روشني انتظارِ فرج لاءِ 12 فرض ۽ علامتون ذڪر ڪيون آهن ۽ پاڻ ٻارهين فرض جي باري ۾ چوي ٿو تہ انتظار جي علامت محبوب جي ملڻ لاءِ تيار رهڻ آهي ۽ تياري ڪجهہ خاصيتون پيدا ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي، جهڙي طرح.

(1) حضرت قائم عليہ السلام جي مدد ۽ ان جي پيروي جو سچو عزم ۽ ارادو ڪرڻ

(2) اخلاقي صفتون اپنائڻ ۽ هر قسم جي اخلاقي براين کان پرهيز ڪرڻ

(3) واجبات ۽ مستحبات کي احتياط سان انجام ڏيڻ، حرام ۽ مڪروهہ عمل کي ترڪ ڪرڻ

(4) جنگي ۽ لشڪري ميدان ۾ تياررهڻ

مختصر هي تہ ان شخص کي منتظر چورائڻ جوحق آهي جيڪو پنهنجن فرضن کي سڃاڻي ۽ انهن تي عمل ڪري ۽ هي خصلت ڪردار کي بهتر بنائڻ ۽ پنهنجي سرڪش نفس کي جهڪائڻ ۽ مارڻ جي ذريعي حاصل ٿئي ٿو. مولا علي عليہ السلام فرمائين ٿا تہ " جڏهن توهان جو نفس سخت ٿي وڃي ۽ فرمانِ حق جي اطاعت جي لاءِ آساني سان راضي نہ ٿئي تہ توهان بہ ان ٿي سخت ٿي وڃو، اسيتائين ج هو توهان جي اڳيان جهڪي پوي.

عزيزوساٿيو! خدا اسان کي پنهنجي پاڻ کي سڌارڻ ۽ معاشري کي ناهڻ جي وسيلي سان امام مهدي عليہ السلام جي سچي انتظار ڪرڻ وارن مان قرار ڏي.

**والسلام**

**ورحمۃاللہ وبرڪات**

# تقريري مقابلو (عنوان: انتظارِ فَرَج (ع) ۽ اسان جو ذميواريون)

اسلام عليکم و ياعلي مدد

اڄ منهنجي تقرير جو عنوان آهي " انتظارِ فَرَج ۽ اسان جون ذميواريون

جنابِ صدر! ايمان ۽ عقيدو انسان جي سوچ ﭘيلي ڪندو آهي ﭘيلي سوچ سان انسان جو ڪردار ﭘلوڙ ٿيندو آهي جنهن سان ﭘلي شخصيت عظيم شخصيت ٺهندي آهي جيڪا سڄي سسٽم سڄي سوسائٽي کي مثالي بنائي ڇڏيندي آهي، اهي ديني عقيدا جيڪي تمام گهڻي اثر وارا ۽ ڪردار کي بهتر ڪرڻ وارا آهن، انهن مان هڪ انتظارِ فَرَج آهي، هي انهن ديني مسئلن مان آهي جنهن کي تمام گهڻي اهميت ڏيڻ گهرجي ، جنابِ صدر! هي عقيدو ٻارهين امام مهدي عليہ السلام جي ظهور لاءِ راهہ هموار ڪرڻ ۾ انتهائي اسرائتو آهي، ﭘيغمبرِ اسلام ۽ آئمہ اهلبيت عليہ السلام وڏي اهميت سان انتظار فرج جو ذڪر ڪيو آهي، هنن هستين انتظار فرج کي بهترين عبادت ، بهترين عمل ۽ رسولِ اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي لشڪر ۾ اڳين صف ۾ دشمنن سان جنگ ڪرڻ جي برابر سمجهيو ويو آهي، ﭘيغمبرِ اسلام جو ارشاد آهي تہ بهترين عبادت انتظارِ فرج آهي.

مانوارا سائين عام طور تي ڪنهن شيءِ جي آس رکڻ ۽راهہ تڪڻ کي انتظار چئبو آهي ان کان علاوه موجوده حالتن ۾ تبديليءَ جي اميد جي لاءِ بہ انتظار جو لفظ استعمال ٿئي ٿو، جهڙي طرح علاج کان بغير بيماريءَ مان ڇوٽڪاري جي اميد نہ ٿي رکي سگهجي اهڙي طرح ڪابہ تبديلي يا بهتري ڪوشش ۽ محنت ڪرڻ کان بغير ﭘڻ ناممڪن آهي تہ ڇا ﭘوءِ انتظارِ فرج، امام مهدي عليہ السلام جي عالمي حڪومت جو قيام ﭘوري دنيا ۾ ان جي ﭘاڪ مقصد جي جاري ڪرڻ ۽ عالمگير تبديليءَ جي لاءِ سخت محنت ۽ جدوجهد جي ضرورت نہ هوندي. لهٰذا امام مهدي عليہ السلام جي ظهور ۽ انهن جي عادلانہ عالمي حڪومت جهڙي عظيم سياسي تهذيبي علمي ، اخلاقي، اقتصادي ۽ معاشرتي ميدان ۾ عالمي سطح تي مڪمل تبديلي آڻڻ لاءِ ﭘاڻ کي تيار ڪرڻ، انتظار فرج جي معنيٰ ۾ آهي، تمام انبياء ۽ ڪائنات جي مظلومن جي اميد حضرت مهدي عليہ السلام جي قيادت ۾ هڪ عالمي انقلاب ۽ حقيقي معنيٰ ۾ عدل ۽ انصاف جي قيام جو انتظار، بيشڪ هڪ تمام وسيع ۽ عظيم منصوبہ بنديءَ جي گهر ڪر ٿو،

مٿين روايتن انتظار کي هڪ بهترين ۽ افضل ترين عمل ٻڌائڻ ۽ ان جي قدر ۽ قيمت ۽ اهميت، ﭘيغمبر اسلام سان گڏ دشمنِ اسلام سان جنگ ۾ مصروف هجڻ ۽ خود امام زمانہ عج جي خيمہ ۾ موجود هجڻ جي برابر بيان ڪرڻ هي واضع ڪري ٿو تہ انتظار جو مطلب هٿ تي هٿ رکي امام زمانہ عج جي راهہ ۾ اکيون لڱائي ويهڻ ۽ هڪ ڪندہ ۾ ويهي امامِ زمانہ عج کي ياد ڪند رهڻ نہ آهي ، بلڪ انتظار، انقلاب مهدي عليہ السلام جي لاءِ ميدان عمل ۾ حاضر رهڻ ۽ مولا جي قيام جي لاءِ حالتن کي سازگار ڪرڻ لاءِ مسلسل عمل ۾ مصروف رهڻ جو نالو آهي.

**والسلام**

**ورحمۃ اللہ وبرکات**

# تقريري مقابلو (عنوان: حضرت امام مهدي عليہ السلام جو حقيقي انتظار)

محترم سامعين حاضرينِ مجلس ۽ علماء ڪرام تنظيمي دوستو ...اسلام عليڪم و ياعلي مدد

سڀ کان پهرين تمام مومنين جي خدمت ۾ ۽ بلخصوص رهبرِ معظم حضرت آيتہ الله سيد علي خامنہ اي جن جي خدمت ۾ وقت جي سيد و سردار سرڪارِ حُجت امامِ زمانہ عليہ السلام جن جي ولادت باسعادت جي موقعي تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

قبلہ سائين منهنجي تقرير جو عنوان آهي "حضرت امام مهدي عليہ السلام جو حقيقي انتظار"

جنابِ صدر ! انسانيت ڪي نجات ڏياريندڙ حضرت بقيتہ الله الاعظم عج اها متفق شخصيت آهن جنهن ڪي شيعہ توڙي سني بئي فرقا تسليم ڪن ٿا.اهي بئي فرقا دنيا مان ظل ۽ ڏاڍ، فساد ۽ تباهيءَ جي خاتمي ۽ عدل و اناف مهر و محبت جي فضا قائم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي، پنهنجي طريقي سان سندن انتظار ڪري رهيا آهيون.

جنابِ صدر! هر مسلمان هڪ اهڙي شخص جي انتظار ۾ آهي جيڪو محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي خاندان مان آهي الله تعالىٰ جي حڪم سان هن دنيا تي عدل ۽ انصاف جي حڪومت جي قائم ڪندڙ آهي.

سائين منهنجا ڪجھ منتظر اهڙا آهن جيڪي پنهنجي آقا، قائد ۽ پسنديدہ معاشري جي قيام جي لاءِ راهون هموار ڪري رهيا آهن ڏينهن رات سندن اوسيئڙي ۾ ٽات گهر،گهر ، گهٽي، گهٽي تائين پيغام پهچائين ٿا،

جنابِ صدر! ڪجھ منتظر اهڙا آهن جيڪي تعمير ۽ اصلاح جي سموري ذميواري پنهنجي امام پنهنجي قائد تي رکيو هٿ ، هٿ تي رکيو ، سندن ذات جي سگهٽي انتظار ڪي واحد ذميوار سمجهيو وينا آهن، جنابِ اعلىٰ ! ڪجھ منتظر اهڙا آهن، جن جي سوچ آهي تہ جيئن جيئن دنيا ظلم ۽ ستم جي باھ ۾ جلندي، گمراهي ۽ ظلم وڌندو ۽ انسانيت تي ڏاڍ ۽ بربريت جي اونداهي رات ڇانئبي تئين تئين امام جو ظهور ويجهو ايندو.

جنابِ صدر! هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ هتي ڇاڻايل انتظار جي جي قسمن مان ڪهڙي قسم جو انتظار درست آهي.

جنابِ صدر! امام جعفر صادق عليہ السلام فرمائين ٿا تہ جيڪي ماڻهو قائم آل محمد عج جي حڪومت جي انتظار ۾ زندگي گذاري رهيا آهن اهي انهن ماڻهن وانگر آهن جيڪي ساٿن راهِ خدا ۾ تلوار هلائي رهيا هجن، نہ پرخدا جو قسم اهي ماڻهو انهن شهيدن وانگر آهن جن نبي ڪريم (ص) جن سان گڏ پنهنجي جان الله جي راھ ۾ قربان ڪئي هجي.

جنابِ اعلىٰ ! هن حديث جي سامهون اچڻ کان پوءِ انتظار جي خبر پوي ٿي تہ سچا منتظر رسولِ اڪرم (ص) جي دور جي مومنين ۽ امام جي ظهور جي دور جي مجاهدن مثل آهن. جنابِ صدر! اهو ڪٿان جو انصاف آهي تہ اسان پاڻ غفلت واري ننڊ ۾ پيا هجون ۽ امام پاڻ اچي مسئلا حل ڪري ، اسان صرف آرام ۾ رهون سردار پاڻ جنگ ڪري ، فاتح اسين سڏايون، جهاد هو ڪن آزادي اسين ماڻيون ، ميدان جنگ ۾ سردار وجي عزت جو تاج اسين پايون، جامِ شهادت هو پيئي.

جنابِ صدر! جواجہ نصرالدين طوسي فرمائين ٿا تہ امامِ زمانہ عج جي غيبت جو سبب اسين پاڻ آهيو، اسين ئي آهيون جيڪي عدل ۽ انصاف جو نعرو هڻون ٿا پر اهڙن درن تي وجي بيهون ٿا اهڙن پارٽين ۾ شموليت ڪريو ن ٿا جيڪي پاڻ فاسد . وڳوڙي، ظالم ۽ آئمہ معصومين عليهم السلام جي عطا ڪيل تعلي جا مخلاف آهن.

جنابِ صدر هڪ لمحي لاءِ سوچون ، جائزو وٺون، ذهن تي زور ڏيون تہ اسان ايترين مصيبتن ۾ ڇو گرفتار آهيون؟ ان مان نجات ڪئي حاصل ڪريون؟ جي ها نجات جو تہ صرف هڪ ئي رستو آهي ، ڪاميابي جو تہ هڪ ئي رستو آهي اهو آهي رسولِ خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ٻڌايل رستي تي وِڪ وڌائي قائم آلِ محمد (عج) جي ظهور جي خواب ڪي حقيقت بدلائي عالمي اسلامي انقلاب ذريعي انسانيت ڪي هميشہ لاءِ هن گُهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول مان آزاد ڪرائي نيڪي ۽ سعادت واري منزل تي پهچي سگهجي ٿو.

سائين منهنجا اچو تہ ظلم ڏاڍ ۽ خواريءَ کان نجات حاصل ڪري جيڪي فرض ۽ ذميواريون آهن ڪي ادا ڪندي امام جي ظهور لاءِ حقيقي منتظر بڻجون.

والسلام

# ❧کوئيز مقابلو❧

سوال نمبر 1 : حضرت امام مهدي عليہ السلام ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيا هئا؟
جواب: 15 شعبان المعظم 255 هجري سامره ۾ پيدا ٿيا هئا

سوال نمبر 2: حضرت امام مهدي عليہ السلام جي ڪنيت ڇا آهي؟
جواب: ابوالقاسم

سوال نمبر 3: امام مهدي عليہ السلام جا ڪي بہ پنج لقب ٻڌايو؟
جواب: مهدي ، امامِ عصر، صاحب الزمان، بقيتہ الله ، قائم

سوال نمبر 4: امام مهدي عليہ السلام جي والدين يعني والد۽والده جا نالا ٻڌايو؟
جواب: امام مهدي عليہ السلام جي والد جو نالو امام حسن عسڪري عليہ السلام ۽ والده جو نالو بيبي نرجس خاتون آهي.

سوال نمبر 5: حضرت امام مهدي عليہ السلام جي غيبتِ صغرىٰ جو گهڻو عرصو هيو يعني پاڻ غيبتِ صغرىٰ ۾ گهڻو عرصو هئا؟
جواب: 260 هجري کان 329 هجري تائين تقريباً 70 سال.

سوال نمبر 6: حضرت امام مهدي عليہ السلام جي غيبتِ ڪبرىٰ جو گهڻو عرصو هيو يعني پاڻ غيبتِ ڪبرىٰ ۾ گهڻو عرصو هئا ؟
جواب: 329 هجري کان اڄ تائين جيستائين خدا تعالىٰ ظهور جي اجازت نٿا ڏين.

سوال نمبر 7: امامِ زمانہ عج ڪٿي ظهور ڪندا؟
جواب: مڪي ۾

سوال نمبر 8: امامِ زمانہ ڪهڙي ڏينهن ظهور فرمائيندا؟
جواب: عاشوره جي ڏينهن.

سوال نمبر 9: امام مهدي عليہ السلام جا ظهور ڪرڻ وقت گهڻا سپاهي هوندا؟
جواب: 313 سپاهي هوندا.

سوال نمبر10: ڇا ان 313 سپاهن جو ذڪر ڪتاب ۾ آهي جيڪي مولا امام زمانہ سان هوندا انهن ڪتابن جا نالا ٻڌايو؟
جواب: غايتہ المرام، قيامتِ صغرىٰ ، بشارت الاسلام ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن ۾ مولا جي سپاهن جو ذڪر آهي.

سوال نمبر11: شروع ۾ امامِ زمانہ عج جي فوج ۾ 313 سپاهي هوندا آخر ۾ڪيتراهوندا؟
جواب: 10 هزار کان وڌيڪ.

سوال نمبر12: سڀ کان وڌيڪ امامِ زمانہ عج جا سپاهي ڪهڙن شهرن مان هوندا؟
جواب: طالقان مان 24 قم مان 18 مرو مان 12 ۽ يمن مان 14

سوال نمبر13: حضرت امام مهدي عليہ السلام ڇا لاءِ غائب آهن؟
جواب: خدا جي مرضي آهي تاڪي قيامت تائين هدايت جو سلسلو جاري رهي، شب قدر ملائڪن جو نزول ٿيندو رهي آل رسول تي ڪيل ظلمن جو انتقام ورتو وڃي.

سوال نمبر14: شيخ زين الدين علي ابن فاضل مازندراني امامِ زمانہ عج سان ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي؟
جواب: 690 هجري جزيره خضرا ۾ ملاقات ڪئي .

سوال نمبر15: ڪهڙي جزيره جي خوراڪ جزيره خضره کان ويندي آهي؟
جواب: جزيره رفضہ .

سوال نمبر16: حضرت امام مهدي عليہ السلام جي نوابِ اربعہ جا نالا ٻڌايو؟
جواب: 1. حاجزا بن يزيد 2. ابراهيم ابن محضر يار 3. احمد ابنِ اسحاق 4. محمد ابن ابرهيم 5. محمد ابنِ جعفر 6. قاسم ابنِ علا 7. حسن ابنِ قاسم 8. محمد ابنِ شاذان
سوال نمبر17: غيبتِ صغره ۾ ڪهڙن فردن ٻارنهن امام جي زيارت ڪئي؟
جواب: 1. جنابِ حڪيمہ خاتون 2. نسيم (ڪنيزِ امام حسن عسڪري ع) 3. ابوخانم ( خادمِ امام مهدي عج)
سوال نمبر18: امام حسن عسڪري عليہ السلام جي وفات کان پوءِ غيبتِ صغريٰ ۾ امامِ زمانہ ڪنهن ڪنهن سان ملاقات ڪئي؟
جواب: حاضر ابنِ يزيد. جعفر ابنِ علي غلام عباس سپاهي ابراهيم بن ادريس علي بن ميزبار محمد بن عثمان
سوال نمبر19: غيبتِ ڪبريٰ ۾ امام زمانہ عج کان ڪنهن ملاقات ڪئي؟
جواب: نجم الثاقب کان روايت آهي تہ 100 فرد هئا جن مولا سان غيبتِ ڪبريٰ ۾ ملاقات ڪئي جن ۾ ڪجھ جا نالا هي آهن محمد بن عيسيٰ ، ياقوت وهان، اسماعيل ابن حسن هرقلي، ابرار جع صحامي ، مقدس اردبلي، محمد حسن نجفي آيتہ الله قزويني، احمد عسڪري، الحاج علي بغدادي وغيره.
سوال نمبر20: امام جعفر صادق عليہ السلام امامِ زمانہ عج جي باري ۾ ڇا فرمايو؟
جواب: امام جعفر صادق عليہ السلام جي باري ۾ فرمايو تہ اي ابو حمزه الله جي حتمي تقدير سان اسان جي قائم جو قيام بہ هڪ آهي
سوال نمبر21: امام حسن عليہ السلام مولا مهدي عليہ السلام جي باري ڇا فرمايو؟
جواب: اسان جو قائم واحد امام هوندو جيڪو هر تسلط کان آزاد هوندو.
سوال نمبر22: امام حسين عليہ السلام حضرت امام مهدي عليہ السلام جي باري ۾ ڇا فرمايو؟
جواب: منهنجي نسل مان نائون هوندو اهو ئي قائم الحق هوندو.
سوال نمبر23: امام زين العابدين عليہ السلام مولا امام مهدي عليہ السلام جي باري ۾ ڇا فرمايو؟
جواب: امام زين العابدين عليہ السلام فرمايو قائم اسان مان هوندو اهو ان وقت ظهور ڪندو جڏهن خدا جي مشيت اجازت ڏيندي ان تي ڪنهن بہ حڪمران جو غلبو نہ هوندو.
سوال نمبر24: امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام امام مهدي عليہ السلام جي باري ۾ ڇا فرمايو؟
جواب: امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام فرمايوآئون بہ قائمِ بالحق آهيان ليڪن قائم پوري ڪائنات کي دشمنانِ دين سان پاڪ ڪري ظلم کان پاڪ زمين کي عدل و انصاف پُر ڪندو اهو منهنجي اولاد مان پنجون هوندو.
سوال نمبر25: حضرت امام علي رضا عليہ السلام امام مهدي عليہ السلام جي باري ۾ ڇا فرمايو؟
جواب: امام فرمايو اي دعبل مون کان پوءِ منهنجي پٽ هوندو محمد کان پوءِ ان جو پٽ علي هوندو، علي کان پوءِ ان جو پٽ حسن عسڪري هوندو ۽ حسن عسڪري کان پوءِ ان جو پُٽ حُجتِ قائم هوندو.
سوال نمبر26: امام محمد تقي عليہ السلام امام مهدي عليہ السلام جي باري ۾ڇا فرمايو؟
جواب: امام محمد تقي عليہ السلام جن فرمايو اهو قائم هوندو جنهن جي غيبت ۾ ظهور جو انتقام ورتو ويندو ظهور کان پوءِ ان جي اطاعت ڪئي ويندي اهو منهنجي اولاد مان ٽيون هوندو .
سوال نمبر27: امام مهدي عليہ السلام جي باري ۾ امام علي نقي عليہ السلام ڇا فرمايو؟

جواب: امام نقي عليہ السلام فرمايو تہ مون کان پوءِ منهنجو پُٽ امام هوندو ۽ حسن کان پوءِ حسن جو پُٽ قائم مهدي امام هوندو جيڪو ظلم و جبر کان زمين کي پاڪ ڪندو ۽ روح ارض کي عدل و انصاف سان پُر ڪندو .

سوال نمبر28: امام حسن عسڪري عليہ السلام مولا امام مهدي عليہ السلام جي باري ۾ ڇا فرمايو؟

جواب: امام حسن عسڪري عليہ السلام فرمايو تہ ان الله جي حمد آهي جنهن دنيا مان مون کي ان وقت تائين رکيو جيسيتائين مون کان پوءِ منهنجي جانشين کي ظاهر ڪيو جو تمام ماڻهن جي نسبت صورت و سيرت ۾ شبيهہِ رسولِ خدا آهي ۽ الله ان کي غيبت ۾ محفوظ رکي اهو ئي روح ارض کي عدل و انصاف ڏياريندو.

سوال نمبر29: امام مهدي عليہ السلام جي پهرين بيعت ڪير ڪندو ؟

جواب: حضرت جبريل عليہ السلام .

سوال نمبر30: سيد الملائڪ حضرت جبريل عليہ السلام جي بيعت کان پوءِ امامِ زمانہ عج جي ڪير بيعت ڪندو؟

جواب: 313 انصارِ امام مهدي عليہ السلام.

سوال نمبر31: آسمان مان لاسيف الا ذوالفقار جو آواز ڪهڙي جنگ ۾ ٻڌو ويو؟

جواب: جنگِ احد ۾.

سوال نمبر32: مباهلي لاءِ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ والہ وسلم پاڻ سان گڏ ڪنهن کي وٺي ويا؟

جواب: پٽن جي جاءِ تي حضرت حسنينؑ کي عورتن جي جاءِ تي حضرت بيبي فاطمہ (س) ۽ نفسِ جان جي جاءِ تي حضرت علي عليہ السلام کي.

سوال نمبر33: مڪي ۾ ڪيترا فرد امام مهدي عليہ السلام سان جمع ٿيندا؟

جواب: ڏهہ هزار.

سوال نمبر34: جڏهن امام مهدي عليہ السلا سان ڏهہ هزار فرد گڏ ٿيندا تڏهن پاڻ ڪهڙي شهر ڏانهن ويندا؟

جواب: مديني ڏانهن.

سوال نمبر35: امام مهدي عليہ السلام کي سلام ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو هوندو؟

جواب: السلام عليڪم يا بقيتہ الله (عج).

سوال نمبر36: مديني کان پوءِ امام مهدي عليہ السلام ڪهڙي شهر ڏانهن رُخ ڪندا؟

جواب: نجفِ اشرف ڏانهن ايندا.

سوال نمبر37: امام مهدي عليہ السلام جو دارالخلافہ ڪهڙو شهر هوندو؟

جواب: ڪوفو.

سوال نمبر38: نجف اشرف ۾ امام مهدي عليہ السلام ڪهڙي مسجد تعمير ڪندا؟

جواب: اها دنيا جي سڀ کان وڏي مسجد هوندي جنهن هڪ هزار دروازه هوندا.

سوال نمبر39: امام مهدي عليہ السلام جو جهاد ڪهڙي قسم جو هوندو؟

جواب: امام محمد باقر عليہ السلام فرمايو تہ قائم آل محمد عليہ السلام ۾ ٻين انبياء جي سنتن کان علاوه نبي الانبياء جي سنت قائم بالسيف بہ هوندي.

سوال نمبر40: قائمِ آلِ محمد عليہ السلام سان ڪهڙيون تبرڪات (نشانيون) هونديون؟

جواب: امام محمد باقر عليہ السلام فرمايو تہ قائم آل محمد عليہ السلام سان گڏ پرچمِ نبيِ خدا، حضرت سليمان نبي جي منڊي، حضر ت موسيٰ عليہ السلام جي عصا ۽ پٿر هوندو.

سوال 41: امام مهدي عليہ السلام جو نظامِ حڪومت ڪهڙي هونديءَ

جواب: قرآن و سنت جي قوانين نافذ ڪيا ويندا.

سوال 42: قائم آل محمد عليہ السلام مقدمات جا فيصلا ڪئين ڪندو؟

جواب: علم امامت سان فيصلا ڪيا ويندا.

سوال 43: امام مهدي عليہ السلام جي دور ۾ اجتماعي زندگي جو ڍنگ ڪهڙي قسم جو هوندو؟

جواب: عدل و انصاف ۽ امن هوندو.

سوال 44: امام مهدي عليہ السلام جي دور ۾ ثقافت ۽ نظامِ تعليم ڪئين هوندو؟

جواب: خالص ۽ نج اسلامي ثقافت هوندي ، نظامِ تعليم ۾ تعليم و تربيت جو صحيح خطِ ولايت تي انتظام ڪيو ويندو.

سوال 45: امام زمانہ عج جي دور ۾ اقتصاديات جي حالت ڪئين هوندي؟

جواب: حضورِ اڪرم (ص) فرمايو امام مهدي عليہ السلام دولت جي صحيح برابري جي بنياد تقسيم ڪندا، هر شخص جي اقتصادي ضرورت پوري ٿيندي.

سوال 46: امام مهدي عليہ السلام جي دور ۾ زراعت ڪئين هوندي؟

جواب: امام مهدي عليہ السلام جي دور ۾ بارش مناسب پوندي پاڻي جي کوٽ نہ هوندي ، فصلن ۾ برڪت هوندي، برپٽ ۽ جهنگ آباد هوندا غير آباد زمينون آباد هوندو ، ضرورياتِ زندگي تمام گهٽي مقدار ۾ هوندا.

سوال 47: قائم آل محمد عليہ السلام جي دور ۾ امن وامان جو ڇا حال هوندو؟

جواب: امام محمد باقر عليہ السلام فرمايو تہ امام مهدي عليہ السلام جي دور ۾ هڪ عورت اگر اوير ڪان اولهہ طرف ويندي تہ ان کي رستي ۾ ڪنهن بہ قسم جو خوف نہ ٿيندو.

سوال 48: قائم آل محمد عليہ السلام جي دور ۾ مواصلاتي رابطہ ڪيئن هوندا؟

جواب: اوير جو مومن اولهہ جي مومن کي پنهنجي ، پنهنجي جڳهہ تان ڏسي سگهندو.

سوال 49: امام مهدي عليہ السلام جي حڪومت ڪيترا سال هوندي ۽ سندن انجام ڪئين ٿيندو؟

جواب: حڪومت 70 سال ٿيندي آخر ڪار امام عج کي شهيد ڪيو ويندو.

سوال 50: امام مهدي عليہ السلا م جو غسل و ڪفن ڪير ڪندو؟

جواب: امام حسين عليہ السلام کي زنده ڪيو ويندو اهي امامِ زمانہ عج وٽ ايندا امام زمانہ عج مولا حسين عليہ السلام کي منبي ڏيندا پوءِ مهدي عليہ السلام جي شهادت ٿيندي امام حسين عليہ السلام ئي امام مهدي عليہ السلام کي غسل وڪفن ڏيندا هي روايت منتخب الانوار المضيہ ۾ آهي.

**والسلام**

**عاطف مهدي سيال**
**مرڪزي جنرل سيڪريٽري**
**اصغريہ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاڪستان**
**+92 3003366529**
asopakistan@gmail.com